

# فيضانِ مرشد

- الله تعاليٰ جا خاص ٻانها
- شيطان جي مڪر ۽ فريب کان بچڻ جو طريقو
- اولياء الله جا تصرفات ۽ اختيارات
- صاحبِ بصيرت
- اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جون ڪجهه نمايان خصوصيتون
- خوش نصيب عطاري



پيشڪش : مرڪزي مجلسِ شوري

مكتبة المدينه

فيضانِ مدينه، محله سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي پاڪستان، فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858
Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# "ديدارِ مرشد" جي 9 اکرن جي نسبت سان هن رسالي کي پڙهڻ جون " 9 نيتون "

**فرمانِ مصطفیٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم **: نية المؤمن خير من عمله**
يعني مُسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي."
**(المعجم الكبير للطبراني، الحديث 5942، ج 6،ص 185)**

## ۞ ٻہ مدني گل ۞

(1) سني نيّت کان سواءِ ڪنهن بہ سني عمل جو ثواب ناهي ملندو .

www.dawateislami.net

(2) جيتريون سنيون نيّتون وڌيڪ هونديون، اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو .

﴿1﴾ هر ڀيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوذ ۽ ﴿4﴾ تسميه سان شروعات ڪندس. (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل بہ عربي عبارتون پڙهي وٺڻ سان چار نيّتن تي عمل ٿي ويندو). ﴿5﴾ جيترو ٿي سگهي هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس﴿7﴾ جتي "الله" جو پاڪ نالو ايندو اتي عزوجل ۽ ﴿8﴾ جتي"سرڪار" جو اسم مبارڪ ايندو اتي صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم پڙهندس ﴿9﴾ ٻين کي هي رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضانِ مرشد

**(شيطان کيڏي به سُستي ڏياري هــي تـحـريـري بيان مـکـمـل پڙهــي وٺــو. ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل کي مرشد جي ياد ۾ تڙپندو محسوس ڪندؤ.)**

## درود شريف جي فضيلت

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي **دامت برکاتهم العاليه** پنهنجي تـخـريـج شـده رسـالـي "**ضياءِ درود و سلام**" ۾ نقل فرمائن ٿا تہ سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ بَرَڪت نشان آهي: "مون تي دُرُود شريف پڙهي ڪري پنهنجي مجلسن کي سينگاريو توهان جو درودِ پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نُور هوندو."

**(فردوس الاخبار، رقم الحديث 3148ج3ص417 طبعة دار الكتب العربي بيروت)**

صلوا على الحبيب!　　　　صلى الله تعالى على محمد

## غوثِ اعظم رضي الله تعالىٰ عنه جو تصرف

اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پـروانهءِ شمع رسالـت، مجددِ دين و ملت،

---

**هي بيان نگرانِ شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري سلمه الباري 29 جمادي الاليٰ سن 1426 ھ بمطابق 7 جولاءِ 2005 فيضانِ مدينه، مرڪز الاولياء لاهور جي هفتيوار اجتماع ۾ فرمايو. ضروري ترميم ۽ اضافي سان پيش ڪيو پيو وڃي.**

حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاھ امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن پنهنجي عظيم الشّان شهرهءِ آفاق **فتاويٰ رضويہ** جلد 21 صفحي 388 تي نقل ڪن ٿا:"حضرت سيّدُنا شيخ عارف باللّٰه ابو الخير بشر بن محفوظ بغدادي عليه رحمة الهادي فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان 12 ماڻهن سان گڏ شهنشاهِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ رضي الله تعالیٰ عنه جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس. حضورِ غوثِ اعظم دستگير عليه رحمة الله القدير جن ارشاد فرمايو:"**توهان مان هر هڪ، هڪ مُراد گهري، اسان عطا فرمائينداسين.**" سندن ارشاد تي 10 صاحبن ديني حاجتون، علم ۽ معرفت جي باري ۾، ۽ 3 شخصن دنياوي عهدي ۽ منصب جون مُرادون گهريون. **پيرانِ پير، روشن ضمير** رضي الله تعالیٰ عنه فرمايو:"**توهان جي رب** عَزَّوَجَلَّ **جي عطا سان اسان انهن دين وارن ۽ دنيا وارن سڀني جي مدد ڪندا آهيون ۽ توهان جي رب** عَزَّوَجَلَّ **جي عطا تي ڪا پابندي ناهي.**"

حضرتِ سيّدُنا شيخ عارف باللّٰه ابو الخير بشر بن محفوظ بغدادي عليه رحمة الهادي فرمائن ٿا: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنهن جيڪو گهريو اهو ان ماڻيو، مون اها مُراد گهري هئي ته اهڙي معرفت ملي وڃي جو وارداتِ قلبي (يعني دلي ڪيفيت) ۾ مون کي تميز ٿي وڃي ته اها ڪيفيت الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي ۽ هيءَ ناهي؟" (۽ ٻين کي انهن جون مُرادون ملڻ جي باري ۾ تفصيل بيان ڪري فرمائين ٿا:)"۽ منهنجي اها ڪيفيّت

www.dawateislami.net

هئي جو آءُ غوث الاعظم عليه رحمة الله الاكرم جي خدمت ۾ حاضر هئس. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ انهيءَ مجلس ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي رکيو ته هڪدم هڪ نُور منهنجي سيني ۾ ائين روشن ٿيو جو اڄ تائين انهيءَ نُور سان فرق ڪري سگهان ٿو ته هيءَ ڪيفيت حق آهي ۽ هي باطل، هي حال هدايت آهي ۽ هي حال گمراهي. ۽ ان ڪان اڳ مون ڪي سڃاڻپ نه ٿي سگهڻ جي ڪري سخت قلق يعني فڪر رهندو هو." (فتاويٰ رضويه ج 21 ص 388)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! الله تبارڪ و تعاليٰ غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالٰی عنہ کي اهو مرتبو ۽ بلندي عطا فرمائي جو پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ سيني جون دنياوي ۽ اخروي حاجتون پوريون فرمائيندا آهن. سندن در ڪان گهرڻ وارو ڪڏهن به هٿين خالي ناهي ويندو.

www.dawateislami.net

خدا کے فضل سے ہم پر ہے سایہ غوثِ اعظم کا
ہمیں دونوں جہاں میں ہے سہارا غوثِ اعظم کا
بلیات و غم و افکار کیوں کر گھیر سکتے ہیں
سَروں پر نام لیووں کے ہے پنجہ غوثِ اعظم کا
مریدی لاتخف کہہ کر تسلی دی غلاموں کو
قیامت تک رہے بے خوف بندہ غوثِ اعظم کا

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰ حضرت مولانا جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

# الله تعاليٰ جا خاص ٻانها

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہما کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ الله تعالیٰ جا ڪجھ ٻانها اهڙا آهن جن کي الله تعالیٰ مخلوق جي حاجت روائيءَ (يعني حاجت پوري ڪرڻ) جي لاءِ چونڊيو آهي، ماڻهو پريشان ٿي پنهنجون حاجتون انهن وٽ کڻي ايندا آهن، اهي ٻانها عذابِ الاهيءَ کان امان ۾ آهن. (المعجم الڪبير، الحديث 13334، ج12 ص274)

# حاجتون پجائيندڙ

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ " الله تعالیٰ جڏهن بہ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان کي ماڻهن جون مرجعِ حاجات يعني حاجتون پُجائيندڙ بڻائي ڇڏيندو آهي."

(الفردوس بما ثورالخطاب، الحديث 938 ج1 ص 146)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان ڏسون ٿا تہ ماڻهو اولياءِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ انهن جي ظاهري زندگيءَ ۾ ۽ وفات کان پوءِ بہ حاضر ٿي ڪري پنهنجون حاجتون عرض ڪندا آهن ۽ پنهنجون جهوليون مُرادن سان ڀري ويندا آهن. ڳالهہ صرف حُسنِ اعتقاد (يعني يقين) جي آهي، جيڪڏهن اهو مضبوط هجي تہ خوب بَرَڪتون حاصل

ٽينديون آهن. انهن کي حاجتون پوريون ڪرڻ جي طاقت ۽ قوت عطا فرمائڻ وارو الله رب العزت ئي آهي. بيشڪ ڪائنات جي ذري ذري تي حقيقي قبضو الله تبارڪ و تعالى جو آهي، پر نہ ان جي قدرت محدود آهي، نہ ان جي عطا جو دروازو بند آهي بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي. جيئن پهرين سيپاري جي سورة البقره جي آيت 20 ۾ ارشاد فرمائي ٿو،

اِنَّ اللّٰهَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ 0

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.

پندرهين سيپاري جي، سورهءِ بني اسرائيل جي آيت 20 ۾ ارشاد ٿئي ٿو،

www.dawateislami.net

وَمَا کَانَ عَطَآءُ رَبِّکَ مَحۡظُوۡرًا 0

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ تنهنجي رب (عَزَّوَجَلَّ) جي بخشيش تي ڪا پابندي ناهي.

## 356 اولياءِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت،آفتابِ قادريت،ماهتابِ رضويت، صاحبِ خوف و خشيت، عاشقِ اعليٰ حضرت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رَضَوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي مايہ ناز تصنيف "فيضانِ سنّت" تخريج شده (جلد پهريون) جي

صفحي نمبر418 تي 356 اولياءِ ڪرام جي روايت نقل فرمائيندي لکن ٿا:

حضرتِ سيّدُنا ابن مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو، "الله تعالیٰ جا **300** ٻانها ڌرتيءَ تي اهڙا آهن جو انهن جون دليون حضرتِ سيّدُنا آدم **صفي الله** عليٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **چاليهن** جون دليون حضرت سيّدُنا موسيٰ **ڪليم الله** عليٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **ستن جون** دليون حضرتِ سيّدُنا ابراهيم **خليل الله** عليٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **پنجن** جون دليون حضرت سيّدُنا جبريل عليٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي دل مبارڪ تي آهن ۽ **ٽن** جون دليون حضرتِ سيّدُنا ميڪائيل عليه الصلوٰة والسلام جي دل مبارڪ تي آهن، ۽ **هڪ** انهن مان اهڙو آهي جنهن جي دل حضرتِ سيّدُنا اسرافيل عليه السلام جي دل مبارڪ تي آهي، جڏهن انهن مان "**هڪ**" وفات ڪري ويندو آهي ته **الله تعالیٰ** ان جي جڳهه تي "ٽن" مان هڪ کي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن انهن "ٽن" مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي ته **الله تعالیٰ** ان جي جڳهه تي "پنجن" مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن "پنجن"مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي ته **الله تعالیٰ** ان جي جڳهه تي "ستن" مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن "ستن" مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي ته الله

www.dawateislami.net

تعالى ان جي جڳهہ تي"چاليهن" مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن "چاليهن" مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جڳهہ تي " ٽن سون" مان هڪ کي ۽ جيڪڏهن انهن " **ٽن سون**"مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ الله **تعالى** ان جي جڳهہ تي عام ماڻهن مان ڪنهن کي مقرر فرمائيندو آهي، انهن جي ذريعي (وسيلي) سان زندگي ۽ موت ملندو آهي، برسات وسندي آهي، فصل ٿيندا آهن ۽ مصيبتون دور ٿينديون آهن. حضرتِ سيّدُنا ابن مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان پُڇيو ويو، "انهن جي ذريعي ڪيئن زندگي ۽ موت ملندو آهي؟" فرمايائون، "اهي الله **تعالى** کان امت جي گهٽائيءَ جو سوال ڪندا آهن تہ امت جو تعداد گهٽو ٿي ويندو آهي ۽ ظالمن جي لاءِ بد دعا ڪندا آهن تہ انهن جي طاقت ختم ٿي ويندي آهي، اهي دعا ڪندا آهن تہ برسات وسندي آهي زمين ماڻهن لاءِ فصل پيدا ڪندي آهي، ماڻهن کان مختلف قسمن جون مصيبتون دور ڪيون وينديون آهن. **(حلية الاولياء ج1 ص 40 حديث 16)**

**الله عزّوجلّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهو مرتبو آهي اولياءِ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين جو،جو مخلوق جي زندگي، موت ۽ برسات جو وسڻ، نباتات جو ڦُٽڻ ۽ مصيبتن جو ٽرڻ انهن

www.dawateislami.net

جي بَرَڪت سان ٿيندو آهي. اها به خبر پئي ته الله تعالى عوام مان ڪنهن کي چوندي ڪري انهن جو تعداد پورو فرمائيندو آهي. الله تعالى اسان کي به انهن ولين سڳورن رحمهم الله تعاليٰ جي صدقي پنهنجي ولايت جي خيرات عطا فرمائي.

تو اپنی ولایت کی خیرات دے دے
وسیلہ میرے غوث کا یا الٰہی(عزوجل)

(مناجاتِ عطاریہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

## سڄي عالَم ۾ تصرف فرمائڻ وارا

www.dawateislami.net

سهروردي سلسلي جا سردار حضرت شيخُ الشُّيُوخ، شهابُ الحق وَ الدّين عمر سهروردي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا ته مون کي علمِ ڪلام جو تمام گهڻو شوق هيو، مون ان جا ڪتاب حفظ ڪري ڇڏيا هئا ۽ ان ۾ خوب ماهر ٿي ويو هئس. منهنجا چاچا سائين پيرِ معظم حضرتِ سيّدي نجيب الدين عبد القادر سهروردي عليه رحمة الله القوي هڪ ڏينهن مون کي ساڻ ڪري بارگاهِ غوثيت پناهه رضی اللہ تعالیٰ عنہ ۾ حاضر ٿيا. رستي ۾ مون کي فرمايائون: اي عمر رَحْمَةُ اللهِ تعالیٰ عَلَيْهِ اسين هن وقت ان جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ وارا آهيون، جنهن جي دل الله تعالى جي طرفان خبر ڏيندي آهي، ڏسو انهن جي سامهون احتياط سان حاضر ٿجو ته جيئن انهن جي ديدار مان بَرَڪت ماڻي سگهو.

جڏهن اسين سندن بارگاهہ ۾ حاضر ٿياسين تہ منهنجي پير(سيّدي نجيب الدين عبد القادر سهروردي عليه رحمة الله القوي) حضرتِ سيّدُنا غوثِ اعظم عليه رحمة الله الاكرم کي عرض ڪيو:“اي منهنجا آقا! هي منهنجو پائيٽو علمِ ڪلام(1) ۾ مستغرق آهي، مان جهليانس ٿو پر نہ ٿو مُڙي.” حضور غوثِ پاڪ (رضی اللہ تعالیٰ عنہ) مون کي فرمايو: اي عمر! تو علمِ ڪلام ۾ ڪهڙا ڪتاب حفظ ڪيا آهن؟ مون عرض ڪيو:“ فلاڻا فلاڻا ڪتاب.” (اهو ٻُڌي) پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي گهمايو، خدا تعالى جو قسم! هٿ ڪنيائون ئي نہ جو مون کي انهن ڪتابن مان هڪ لفظ بہ ياد نہ رهيو، ۽ انهن جا سڀئي مطلب الله تعالى مون کان وساري ڇڏيا، ها! الله تعالى منهنجي سيني ۾ هڪدم علمِ لدني (2) ڀري ڇڏيو ، تہ مون حضورِ غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ

www.dawateislami.net

(1) **علمِ ڪلام** : مذهبي معاملن کي دليلن سان ثابت ڪرڻ يعني مذهبي بحث ۽ مناظري جو علم. (فيروز اللغات، ص 902) اعليٰ حضرت رضی اللہ تعالیٰ عنہ فتاويٰ رضويه، جلد 23 صفحي 627 کان 628 تائين لکن ٿا:“ائمهءِ دين فرمائن ٿا: جيڪو علمِ ڪلام ۾ مشغول ٿئي ان جو نالو علماء جي گروهہ(يعني فهرست) کان خارج ٿي ويو. جڏهن متاخرين(يعني پوءِ ۾ اچڻ وارن) جو علمِ ڪلام جنهن جو بنياد اصول سنّت ۽ اسلام جا عقيدا آهن فلسفي ۽ زيادات جي ميل جول جي ڪري ڪوڙيون ڳالهيون قابلِ مذمت آهن ۽ ان ۾ مشغول رهندڙ “عالم” لقب جو حقدار نہ آهي تہ پوءِ فلسفي ۽ منطق فلاسفہ ۽ ٻين خرافات وارن جي ڇا ڳالهہ ڪجي، تنهن ڪري شرعي حڪم اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص شهر جي عالمن لاءِ ڪجهہ وصيت ڪري وڃي تہ انهن فنن کي ڄاڻڻ وارو ڪڏهن ان ۾ داخل نہ ٿيندو.”

(2) **علمِ لدني** : اهو علم جيڪو ڪنهن کي خدا تعاليٰ جي طرفان براهِ راست بغير ڪنهن استاد جي حاصل ٿئي. (فيروزالغات ص 902)

وثان علمِ الاهي (1) عَزَّوَجَلَّ جو ٿي اٿيس (يعني علمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ کي تسليم ڪري پوءِ اٿيس) ۽ حضورِ غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ مون کي فرمايو:"عراق ملڪ ۾ سڀ کان پهريان نامور توهان ٿيندؤ يعني توهان کان پوءِ سڄي عراق ۾ ڪو بہ شهرت جي ان درجي کي نہ پهچندو." ان کان پوءِ امام شيخ الشيوخ سهروردي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: حضرت شيخ عبدالقادر رضی اللہ تعالیٰ عنہ بادشاهِ طريق (يعني طريقت جا بادشاه) آهن ۽ سڄي دنيا ۾ يقينًا تصرف فرمائڻ وارا (بہ آهن).

(بهجة الاسرار، فصول من ڪلام مرصعا......الخ ص 70)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪيڏو تصرُّف هيو حضور غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو ارشاد مبارڪ"بهجة الاسرار" ۾ آهي،"ڇا توهان کي خبر ناهي تہ ماڻهن جو دليون منهنجي هٿ ۾ آهن. چاهيان تہ پنهنجي طرف کان ڦيري ڇڏيان ۽ چاهيان تہ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري ڇڏيان."

(بهجة الاسرار، فصول من ڪلام مرصعا.... الخ ص 149)

کنجیاں دل کی خدا نے تجھے دیں ایسی کر
کہ یہ سینہ ہو محبت کا خزینہ تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

---

(1) **علمِ الاهي** : الله تعاليٰ جي معرفت جو علم . (يعني اهو علم جنهن ۾ انهن معاملن سان بحث ڪيو وڃي جيڪي وجودِ خارجي يا عقل ۾ مادي جا محتاج نہ هجن.)

(فيروز الغات ص 902)

www.dawateislami.net

# فرشتن جو تصرف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تبارڪ و تعالى فرشتن کي ٻه دلين ۾ تصرُّف ڪرڻ جي قوت عطا فرمائي آهي تڏهن ته فرشتا دلين ۾ القاءِ خير ڪندا آهن يعني نيڪ ارادا وجهندا ۽ بُرن خيالن کان بچائيندا آهن. جيئن ته حضرت عبدالله ابنِ عباس رضی اللہ تعالٰی عنہما کان روايت آهي ته سرڪارِ نامدار، مکي مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، بعطاءِ پروردگار، غيبن تي خبردار عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو ته جڏهن قاضي مجلسِ حَڪَم ۾ ويهندو آهي (يعني فيصلو ڪرڻ ويهندو آهي) ته ٻه فرشتا لهندا آهن جيڪي ان جي راءِ کي دُرُست ڪندا آهن ۽ ان کي نيڪ ڳالهه سمجهڻ جي توفيق ڏيندا آهن ۽ ان کي نيڪ رستو سمجهائيندا آهن جيستائين حق کان منهن نه موڙي جتي ان منهن موڙيو فرشتن ان کي ڇڏيو ۽ آسمان ڏانهن پرواز ڪري ويا. (السنن الكبرىٰ للبيهقي، الحديث 20166، ج 10 ص 151)

www.dawateislami.net

# شيطان جو تصرف

جهڙيءَ طرح الله تعالى فرشتن کي اها طاقت ۽ قوت عطا فرمائي آهي جو اهي ماڻهن جي دلين ۾ تصرُّف ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح الله تعالى ابليس شيطان کي ٻه پنهنجي خاص ٻانهن کان علاوه عام ماڻهن جي دلين ۾ تصرُّف

ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي. سيّدي اعليٰ حضرت عليه رحمة رب العزت فتاويٰ رضويه جلد 21 صفحي 381 تي فرمائين ٿا تہ ملائڪن جو شان تہ اعليٰ آهي شيطانن ڪي عوام جي دلين ۾ تصرُّف ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي جنهن مان فقط پنهنجي چونديل ٻانهن کي محفوظ ڪيو آهي. جيئن تہ پندرهين سيپاري، سورهءِ بني اسرائيل، آيت 65 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ عِبَادِیۡ لَیۡسَ لَکَ عَلَیۡہِمۡ سُلۡطٰنٌ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ جيڪي منهنجا ٻانها آهن انهن تي توکي ڪا طاقت نہ آهي.

اُمُّ الۡمُؤمنين حضرت سيّدتُنا صَفِيَّه بنت حُيَيّ رضی اللہ تعالیٰ عنہا کان روايت آهي تہ سلطانِ مدينهءِ منوره، سردارِ مڪهءِ مڪرمه صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ”بيشڪ شيطان انسان جي رڳ رڳ ۾ رت جيان جاري ۽ ساري آهي.“

**(صحيح البخاري،ڪتاب بدء الخلق، باب صفة ابليس وجنوده، الحديث 3281، ج2 ص 400)**

حضرتِ سيّدُنا انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مروي آهي تہ بيشڪ شيطان پنهنجي نوڪ ماڻهوءَ جي دل تي رکندو آهي، جڏهن ماڻهو خدا کي ياد ڪندو آهي،شيطان پٺتي ويندو آهي ۽ جڏهن ماڻهو (ذڪر کان) لاپرواهي ڪندو آهي (يعني وساري ڇڏيندو آهي) تہ شيطان ان جي دل کي پنهنجي وات ۾ کڻي وٺندو آهي.

**(شعب الايمان ، الحديث 540، ج1 ص 402)**

www.dawateislami.net

# شيطان جي مڪر ۽ فريب کان بچڻ جو طريقو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ته جڏهن ماڻهو الله **تعالیٰ** جو ذڪر ڪندو آهي ته شيطان جي مڪر ۽ فريب کان محفوظ رهندو آهي ۽ شيطان ان کي غافل ناهي ڪري سگهندو. جتي انسان الله **تعالیٰ** جي ذڪر کان غافل ٿيو، شيطان هڪدم ان جي دل ۾ وسوسا وجهندو آهي ۽ ان کي ورغلائيندو آهي. الله **تعالیٰ** اسان کي هر وقت پنهنجي ذڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم

## امام رازي عليه رحمة الهادي ۽ شيطان

www.dawateislami.net

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي رسالي "**وسوسا ۽ انهن جو علاج**" ۾ نقل ڪن ٿا ته امام فخر الدين رازي عليه رحمة الله الهادي جي سڪرات جو وقت جڏهن ويجهو آيو ته پاڻ رَحْمَةُاللهِ تعالیٰ عَلَيْهِ وٽ شيطان حاضر ٿيو ڇوته ان وقت شيطان پوري جان جو زور ڏيندو آهي ته ڪهڙيءَ طرح ٻه ان ٻانهي جو ايمان ڪسجي وڃي. جيڪڏهن ان وقت اهو ايمان کان ڦِري ويو ته پوءِ ڪڏهن ٻه موٽي نه سگهندو. شيطان پاڻ رَحْمَةُاللهِ تعالیٰ عَلَيْهِ کان پُڇيو ته تو سڄي عمر مناظرن، بحثن ۾ گذاري،خدا عَزَّوَجَلَّ کي ٻه سڃاتو؟ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تعالیٰ عَلَيْهِ فرمايو: بيشڪ خدا عَزَّوَجَلَّ هڪ آهي،شيطان چيو، ان تي ڪهڙو

دليل؟ پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ هڪ دليل پيش ڪيائون. شيطان خبيث **معلم الملڪوت** (يعني فرشتن جو استاد) رهي چُڪو آهي. ان اهو دليل ٽوڙي ڇڏيو. پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ ٻيو دليل قائم ڪيو؟ ان خبيث اهو بہ ٽوڙي ڇڏيو.ايتري تائين جو360 دليلون حضرت امام رازي رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ قائم ڪيون پر ان لعنتي (پنهنجي فاسد گمان ۾) سڀ ٽوڙي ڇڏيا. هاڻي امام صاحب رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ سخت پريشاني ۽ مايوسيءَ ۾ مبتلا ٿيا. سندن مرشد حضرت شيخ نجم الدين ڪبريٰ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ ڪافي پري ڏورانهين ماڳ تي وضو فرمائي رهيا هئا. اتان ڪان پير صاحب رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ امام رازي رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ کي آواز ڏنو تہ چو نہ تو چوين تہ مون خدا عَزَّوَجَلَّ کي بغير دليل جي هڪ مڃيو.

www.dawateislami.net

(ملفوظات،حصو چوٿون،ص 389کان 390)

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے

ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی عزوجل (مناجاتِ عطاریہ)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## مرشدِ ڪامل جي هٿ ۾ هٿ ڏئي ڇڏيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان خبر پئي تہ شيطان جي مڪر ۽ فريب کان بچڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ ڪنهن مرشدِ ڪامل جي هٿ ۾ هٿ ڏنو وڃي.

# مرشدِ ڪامل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي هن پُرفتن دؤر ۾ جڏهن تہ هر طرف ڇڙواڳيءَ جو دؤر آهي هڪ اهڙي هستيءَ جو تذڪرو ڪريان ٿو جنهن جي ذريعي سان اللہ تعالٰی لکين انسانن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو.انهن کي عام ۽ خاص اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليہ جي لقب سان ياد ڪندا آهن. اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليہ جا عقائد و اعمال، شريعت ۽ طرِيقت، تاريخ ۽ سيرت، حڪمت ۽ روحانيّت وغيره مختلف موضوعن تي ڪيل سوالن جي جوابن تي مشتمل مدني مذاڪرا ۽ اصلاحي،فقهي،روحاني ۽اخلاقي موضوعن سان سرشار ڪيترائي ڪيسيٽ بيان بُڌو، بيشمار سنّتن جو مجموعو فيضانِ سنّت (تخريج شده)، حج ۽ عمره جي باري ۾ رفيق الحرمين ۽ بيشمار موضوعن تي ٻين ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪندؤ تہ خبر پوندي تہ اللہ تعالٰی انهن کي ڪيڏو علم عطا فرمايو آهي.

www.dawateislami.net

اهو **دعوتِ اسلامي** جو موجون هڻندڙ سمنڊ ڏسو جو اللہ تعالٰی هن مردِ ڪامل جي ذريعي لکين بي نمازين کي نمازي، فيشن پرستن کي سنّتن جو عادي،فاسقن کي متقي بڻائي ڇڏيو آهي ۽ بدعقيدن کي خوش عقيدگي، جاهلن کي علمِ دين جي روشني، بي عملن کي عمل جي پُختگي،خشڪ مزاجن کي عشقِ مصطفوي صلی اللہ تعالٰی علیہ والہ وسلم جي لذت، بي

حيائن کي خوفِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۽ لکين اسلامي ڀينرن کي
شرم ۽ حياء جي زيور سان سينگاري ۽ سنواري ڇڏيو آهي.
جامعاتُ المدينه، دار الافتاء اهلسنّت، علماءِ ڪرام و مفتيانِ
عظام و مصنفين ڪثرهم الله تعاليٰ جون بهارون ڏسو ته توهان
کي خبر پوندي ته الله عَزَّوَجَلَّ هن مردِ قلندر جي ذريعي جهالت
کي ڪيڏو نه دور فرمايو آهي.

پیکرِ علم و حکمت ، امیرِ اہلسنت
کہتی ہے ان کو خلقت امیرِ اہلسنت
نائب اعلیٰ حضرت امیرِ اہلسنت
ہیں عالمِ شریعت امیرِ اہلسنت

www.dawateislami.net

داڑھی سجائی ہم نے، زلفیں سجائی ہم نے
یہ سب ہے تیری برکت امیرِ اہلسنت
سینے ہمیں لگایا، درس و بیاں سکھایا
چمکائی کیسی قسمت امیرِ اہلسنت

## اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه
## جون ڪجھ نمايان خصوصيتون

خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ، عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه واله وسلم ۽ قرآن ۽
سنّت جي پيروي جو جذبو، احياءِ سنّت (يعني سنت کي زنده
ڪرڻ) جو جذبو، عفوودرگذر، صبر، شڪر، عاجزي وانڪساري،
اخلاص و تقويٰ، حسنِ اخلاق، جود وسخا، عبادت وریاضت، دنيا

ڪان بي رغبتي، ايمان جي حفاظت جو فڪر،ديني علم جي پرچار و تبليغ خاص طور تي اهلسنّت جي خدمت، محبوبانِ بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ خاص طور تي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن سان محبت ۽ عقيدت،ماڻهن سان همدردي ۽ خيرخواهيءَ وارو ذهن،ڪيترن ئي معاملن ايتري تائين جو علاج ۽ معالجي جي باري ۾ به ماڻهن جي رهنمائي وغيره خاصيتون اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي ذات ۾ نُمايان نظر اينديون آهن. الله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه کي اهڙو مرتبو عطا فرمايو جو وقت جا وڏا وڏا عالم الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي خدمتن جو اعتراف ڪندا آهن.

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

## اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي باري ۾ علماءِ اهلسنت دامت فيوضهم جا تاثرات

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ علماءِ اهلسنّت دامت فيوضهم اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي مدني خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسندا آهن ۽ وقتًا فوقتًا ان جو اظهار به ڪندا آهن، جيئن ته

﴿1﴾ فقيه اعظم هند ، شارح بخاري، نائب مفتيءِ اعظم هند، **مفتي محمد شريف الحق امجدي** عليه رحمة الله القوي جن اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه کي خلافت ۽ سَندون عطا ڪيون آهن، فرمائن ٿا: "جناب مولانا **محمد الياس صاحب** دامت

برڪاتهم العاليه هن زماني ۾ في سبيل الله عَزَّوَجَلَّ بغير پگهار ۽ نذراني جي طرف لالچ جي، خالص الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تعالٰی عليه واٰله وسلم جي رضا جي خاطر ايڏو عظيم الشّان، عالمگير سطح تي ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ لکين بدعقيده، سنّي، صحيح العقيده ٿي ويا، ۽ لکين شريعت کان بيزار ماڻهو شريعت جا پابند ٿي ويا. وڏا وڏا لک پتي ڪروڙ پَتي گريجوئيٽ ڏاڙهيون رکيون، عمامہ بَڌڻ لڳا، پنج وقت باجماعت نمازون پڙهڻ لڳا ۽ ديني ڳالهين سان دلچسپي ڪرڻ لڳا، ٻين ماڻهن ۾ ديني جذبو پيدا ڪرڻ لڳا. ڇا اهو ڪارنامو ان لائق ناهي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ قبول ٿئي؟ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تعالٰی عليه واٰله وسلم فرمايو: منهنجي امت جي بگڙڻ جي وقت جيڪو منهنجي سنّت جو پابند ٿيندو ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو. (مشکوٰة ص 30) جڏهن امت جي بگڙڻ جي وقت سنّت جي پابندي ڪرڻ واري جي لاءِ سؤ شهيدن جو ثواب آهي. تہ جيڪو خدا جو ٻانهو سنّت جو پابند ٿيندي ڪروڙين انسانن کي هڪ نہ گهڻن کي سنّت جو پابند بڻائي ڇڏي، ان جو ثواب ڪيڏو هوندو؟

﴿2﴾ مرڪزِ علم و عرفان، جامعہ نظاميه رضويه لاهور پاڪستان، ۽ رضا فاؤنڊيشن جي باني ۽ ناظمِ اعليٰ، محسنِ اهلسنّت، مفتيءِ اعظم پاڪستان ۽ پنهنجي وقت جي تمام وڏي استاد، حضرت علامه مولانا **مفتي محمد عبدالقيوم هزاروي** عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: فقير پاڻ انهن سان

www.dawateislami.net

ملاقات ڪئي آهي. انهن کي بيحد مُتواضع، باعمل، عوام جو درد رکڻ وارو، علماءِ ڪرام جي تعظيم ڪرڻ وارو ۽ مذهبِ اسلام جي تعمير ۽ ترقيءَ جي سلسلي ۾ بيحد مخلص ڏٺو. سندن تحريڪ سان وابستہ نوجوانن جو سنّتِ رسول صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم ۾ سرشار سانچو، پاڻ سڏي سڏي مولانا جي اخلاص ۽ استقامت ۽ محنت ۽ جدوجهد جي مسلسل خبر ڏئي رهيو آهي. بنا وڏاءَ جي پاڻ اهلِ سنّت و جماعت جي لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهن.

**صلوا على الحبيب!　　　صلى الله تعالى على محمد**

﴾3﴿ شرفِ ملت، استاذ العلماء حضرت علامہ مولانا محمد عبد الحڪيم شرف قادري عليه رحمة الله الغني لکن ٿا: حديث شريف ۾ آهي :"**من احيا سنتي بعد ما اميتت فله اجر مائة شهيد.**" يعني جنهن شخص اسان جي اهڙي سنّت کي رائج ڪيو جنهن کي ترڪ ڪيو ويو هجي ان جي لاءِ سؤ شهيدن جو ثواب آهي. هن حديثِ مبارڪ جي روشنيءَ ۾ اندازو ڪريو تہ اميرِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا **محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه ۽ دعوتِ اسلامي جي مبلغن کي ڪيترن شهيدن جو ثواب ملندو؟ جن جي عملي ڪوشش سان لکين ماڻهو نہ رُڳو نمازي بڻجي ويا آهن بلڪ سرڪارِ دو عالم صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي سنّتن تي عمل پيرا ٿي ويا آهن. هن ڪاميابيءَ ۾ جتي حضرت اميرِ دعوتِ

www.dawateislami.net

اسلامي مدظله العالي جي ڏينهن رات جي ڪوشش ۾ انهن جي بيانات جو دخل آهي اتي فيضانِ سنّت جو بہ وڏو عمل دخل آهي، **فيضانِ سنت** فقير جي اندازي مطابق پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ شايع ٿيندڙ ڪتاب آهي.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

﴿4﴾ **محسنِ دعوتِ اسلامي**، عالم باعمل، حضرت علامہ مولانا **محمد اسماعيل قادري رضوي نوري** مدظله العالي(شيخ الحديث و رئيس دارالافتاء دارالعلوم امجديه باب المدينه ڪراچي) لکن ٿا: موصوف(يعني اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه) جي ديني خدمتن جو هڪ زمانو معترف (يعني اعتراف ڪندڙ) آهي، سندن مسلسل ڪوشش سان لکين بي عمل مسلمان خاص طور تي نوجوان نہ رُڳو پاڻ نيڪيءَ جي راهہ تي هلڻ وارا ٿي ويا بلڪہ مبلغ بڻجي ڪري ٻين کي راهِ سنّت ڏانهن مائل ڪرڻ لڳا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر **دعوتِ اسلاميءَ** جا مدني قافلا سفر ڪندي ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن . منهنجي آخري معلومات جي مطابق هن وقت تقريبًا 63 ملڪن ۾ **دعوت اسلاميءَ** جو پيغام پهچي چڪو آهي.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه کي الله تعالى اعليٰ مرتبو عطا فرمايو آهي. الله تعالى اسان کي انهن جي وڌيڪ محبت عطا فرمائي. مون وٽ علماء و مشائخ اهلسنّت ڪثرهم الله تعاليٰ جا تمام گهڻا لکت ۾ بيان موجود آهن، جن

www.dawateislami.net

مان صرف ڪجھ تاثرات اوهان جي آڏو پيش ڪيا آهن. اهي علماء ۽ مشائخِ اهلسنّت ڪثرهم الله تعاليٰ جن پنهنجي علم جو سڪو ويهاريو آهي، منهنجي اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه کي خلافتون، اجازتون ۽ سندون ڏيندا ٿا وجن ڇوتہ اهي منهنجي اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي علم و عمل، تقويٰ ۽ پرهيزگاري کي ڏسي رهيا آهن. اهو مرتبو آهي اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جو. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ علىٰ احسانه .

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# مرشد تان قربان

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قربان ٿيون اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه تان جن اسان جهڙن نڪمن، نالائقن، گناهگارن، بدڪارن کي **غوثِ پاڪ** رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو غلام بڻائي ڇڏيو.

جميل قادری سو جان سے ہو قربان مرشد پر
بنایا جس نے تجھ جیسے کو بندہ غوثِ اعظم کا

(قبالۂ بخشش از خلیفۂ اعلیٰ حضرت مولانا جمیل الرحمٰن قادری رضوی علیہ رحمۃ اللہ القوی)

اهي **غوثِ پاڪ** رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن جي دربار ۾ چور ايندو هو تہ قطب بڻايو ويندو هو. اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه ۽ غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي غلاميءَ جي صدقي اسان ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ پنهنجو ايمان سلامت کڻي ويندا سين.

لیجاؤں گا میں ایماں، سن لے لعین شیطاں　　تیرا چلے نہ چکر، عطار رہنما ہیں
آتش میں نہ جلوں گا، فردوس میں رہوں گا　　جاؤں گا خلد کہہ کر، عطار رہنما ہیں

# قادرين جي لاءِ بشارت جا بغدادي ٽل

(از نانگ جهڙو جن بحوالو بهجة الاسرار و معدن الانوار ص 193 ملخصًا)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪو غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالٰی عنہ جو مُريد بڻجي ويندو آهي ان جا ته ڀاڳ ئي ڀلا ٿي ويندا آهن. جيئن ته "**بهجــة الاســرار**" ۾ آهي، **پيرن جي پير، پيرِ دستگير، روشنِ ضمير، قطبِ رباني، محبوبِ سبحاني، پيرِ لاثاني، قنديلِ نُوراني، شهبازِ لامڪاني، الشيخ ابو محمّد سيّد عبدالقادر جيلاني** قدس سرہ الربانی جن جو فرمانِ بشارت نشان آهي، مون کي هڪ تمام وڏو رجسٽر ڏنو ويو، جنهن ۾ منهنجي ساٿين ۽ منهنجي قيامت تائين ٿيڻ وارن مُريدن جا نالا لکيل هئا ۽ چيو ويو ته اهي سيئي ماڻهو توهان جي حوالي ڪيا ويا آهن. فرمائن ٿا مون جهنّم جي داروغي کان پُڇيو ڇا جهنّم ۾ منهنجو ڪو مُريد به آهي؟ ان جواب ڏنو، "نه" پاڻ رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ وڌيڪ فرمايو، مون کي پنهنجي پروردگار عزوجل جي عزّت ۽ جلال جو قسم! منهنجي حمايت وارو هٿ منهنجي مُريد تي ائين آهي جيئن آسمان زمين تي ڇانوَ ڪندڙ آهي، جيڪڏهن منهنجو مُريد سٺو نه به هجي ته ڇا ٿيو! **الحمدﷲ** عزوجل مان ته سٺو آهيان. مون کي پنهنجي پالڻ واري مالڪ عزوجل جي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان ان

www.dawateislami.net

وقت تائين پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه مان نه هٽندس، جيستائين پنهنجي هڪ هڪ مُريد کي جنّت ۾ داخل نه ڪرائي ڇڏيان. سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون سان واعدو فرمايو آهي ته منهنجي مُريدن ۽ منهنجي دوستن کي جنّت ۾ داخل ڪندو. ته جيڪو پنهنجو پاڻ کي منهنجو مُريد چوي ۽ منهنجو نالو وٺي، اللّٰه تعالٰی ان کي قبول ڪندو جيتوڻيڪ اهو بُري عمل تي هجي، اهو منهنجي مُريدن مان آهي. مون منڪر نڪير کان هن ڳالهه جو عهد ورتو آهي ته اهي قبر ۾ منهنجي مُريدن کي نه ڊيڄاريندا.

www.dawateislami.net

## پير ۽ مرشد اسان جا استاد به آهن

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هونئن ته عام مسلمانن جا به اسان تي حق آهن ۽ اسان کي انهن حقن کي پورو ڪرڻ به گهرجي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي حقن جو ته عام مسلمانن جي مقابلي ۾ وڌيڪ خيال رکڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا ولي اسان جا مرشد هجن ته ان جا حق پورا ڪرڻ ۾ اڃان به احتياط ڪرڻ گهرجي، ۽ اهو مرشد اسان جو استاد به هجي، اسان کي سيکاريندو هجي، اسان جي تربيت ڪندو هجي، اسان کي ظاهر ۽ باطن جو علم به عطا ڪندو هجي. ته غور ڪريو ته ان جا ڪيتريقدر احسان اسان تي هوندا ۽ ڪيتريقدر ان شخصيت جا حق اسان تي وَڌي ويندا.

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اسان کي الله تعالى کان اهو حُسنِ ظن آهي تہ ان اسان جي اميرِ اهسنّت دامت برکاتهم العاليه کي ولايت جي تمام وڏي منزل عطا فرمائي آهي. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهسنّت دامت برکاتهم العاليه نہ رُڳو الله عَزَّوَجَلَّ جا مقبول ولي بلڪ اسان جا پير ۽ مرشد اسان جا استاد بہ آهن تہ سوچو اسان تي ڪيتريقدر اسان جي پير ۽ مرشد، اميرِ اهسنّت دامت برکاتهم العاليه جا حق لازم ٿيندا آهن. اعليٰ حضرت عليه رحمة رب العزت فتاويٰ رضويه جلد 24 صفحي 369 (تخريج شده رضا فاؤنديشن مرڪز الاولياء لاهور) ۾ فرمائين ٿا:

# مرشد جا حق

www.dawateislami.net

مرشد جا حق مُريد تي ڳڻپ کان ٻاهر آهن، خلاصو اهو آهي تہ ان (يعني مرشد) جي هٿن ۾ "مرده بدست زنده" (يعني زندھ جي هٿن ۾ مُردي جيان) ٿي ڪري رهي، ان جي رضا کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا، ان جي خوشيءَ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشي سمجهي، ان کي پنهنجي حق ۾ زماني جي سيني ولين کان بهتر سمجهي جيڪڏهن ڪا نعمت ٻئي کان ملي تہ بہ ان کي (پنهنجي) مرشد جي ئي عطا ۽ سندن توجھ جي نظر جو صدقو ڄاڻي، مال، اولاد، جان، سڀ مٿن قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهي، سندن جيڪا ڳالھ پنهنجي نظر ۾ شريعت جي خلاف بلڪ معاذالله عَزَّوَجَلَّ ڪبيره (گناھ) معلوم ٿئي، ان تي بہ نہ اعتراض ڪري، نہ ئي دل ۾ بدگماني پيدا

ڪري بلڪ يقين ڄاڻي تہ منهنجي سمجهہ جي غلطي آهي. ٻئي ڪي جيڪڏهن آسمان تي اڏندو ڏسي تڏهن بہ (پنهنجي) مرشد ڪانسواءِ ٻئي جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ ڪي سخت باهہ سمجهي، هڪ پيءُ مان ٻيا پيئر نہ ٻڻائي، سندن بارگاهہ ۾ نہ ڳالهائي، ڪِلڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي سندس آڏو اک، ڪن، دل کي مڪمل طور تي انهن ڏانهن ئي مصروف رکي، جيڪو هو پُڇن نهايت ئي نرم آواز سان، انتهائي ادب سان ٻُڌائي ڪري جلدي خاموش ٿي وڃي. سندن ڪپڙن، سندن ويهڻ واري جڳهہ، سندن اولاد،سندن گهر، سندن پاڙي، سندن شهر جي تعظيم ڪري. جيڪو هو حڪم ڏين،"چو!" نہ چوي (۽ ڇيو مجڻ ۾) دير نہ ڪري (بلڪ) سڀني ڪمن تي ان کي اوليّت ڏئي، سندن غير موجودگيءَ ۾ بہ ويهڻ واري جڳهہ تي نہ ويهي. سندن موت کان پوءِ بہ انهن جي گهرواريءَ سان نڪاح نہ ڪري، روزانو جيڪڏهن (هو) زندهہ آهن تہ سندن لاءِ سلامتي ۽ عافيّت جي دعا گهڻي ڪندو رهي ۽ جيڪڏهن وفات ڪري ويا هجن تہ روزانو انهن جي نالي تي فاتحه ۽ دُرُود جو ثواب پهچائي، مرشد جي دوست جو دوست، انهن جي دشمن جو دشمن رهي. مطلب تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کانپوءِ انهن سان نسبت کي سڄي دنيا جي تعلق تي دل سان ترجيح ڏئي ۽ انهيءَ تي مضبوطيءَ سان قائم رهي وغيره وغيره . جڏهن ائين ٿيندو تہ هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ ۽ سيّد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽

www.dawateislami.net

مشائخ ڪرام رحمهم الله تعالیٰ جي مدد زندگيءَ ۾، سڪرات ۾، قبر ۾، حشر ۾، ميزان تي، پل صراط تي، حوضِ ڪوثر تي، هر جڳهه تي ان سان شامل رهندي. ان جا مُرشد جيڪڏهن پاڻ ڪجهه ناهن ته ان جا مرشد ته ڪجهه آهن يا مرشد جو مرشد، ايتري تائين جو صاحبِ سلسله حضور پُرنُور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ پوءِ اهو سلسلو مولا علي ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم ۽ انهن کان سيّدالمرسلين صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ۽ انهن کان رب العلمين عَزَّوَجَلَّ تائين مسلسل هليو ويو آهي، ها اهو ضروري آهي مرشد بيعت لاءِ چئن شرطن جو جامع هجي پوءِ انهن لاءِ سنو اعتقاد بهتر نتيجا ڏئي سگهي ٿو. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ والله تعالیٰ اعلم

www.dawateislami.net

**(فتاويٰ رضويه جديد جلد 24، صفحو 369)**

**مدينه** : اهڙي **شخص** سان بيعت جو حڪم آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هي چار شرط رکندو هجي. پهريون: سنّي صهيح عقيدي وارو هجي. ٻيون: ديني علم رکندو هجي. ٽيون: فاسق نه هجي (يعني ڪبيره گناهن جو مرتڪب نه هجي) چوٿون: ان جو سلسلو رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم سان ڳنڍيل هجي. **(فتاويٰ رضويه جديد جلد 21 ص 603)**

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه بيعت جي انهن چئن شرطن جا جامع آهن. (1)

(1) وڌيڪ معلومات جي لاءِ نگرانِ شوريٰ جو ڪيسيٽ بيان "جامع شرائط پير" ٻُڌڻ تمام گهڻو فائديمند ٿيندو. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ

بنایا مجھ کو اپنا ہے تیرا احسان ہے مرشد ملا مجھ کو یہ رُتبہ ہے احسان ہے مرشد
تیری نسبت نے مجھ کو کر دیا ہے کیا سے کیا مرشد رکھا کیا مجھ میں ورنہ ہے تیرا احسان ہے مرشد
بھٹکتا پھر رہا تھا دشت عصیاں میں یوں ہی بیکس دکھایا تُو نے راستہ ہے تیرا احسان ہے مرشد

# اللّٰه تعاليٰ جو قرب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪو فرضن ۽ واجبن جي ادائيگي ناهي ڪندو اهو اللّٰه تعالیٰ جو قرب حاصل ناهي ڪري سگهندو. جيئن تہ مصطفيٰ جانِ رحمت، محبوبِ ربُّ الْعزّت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رِسالت صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ تقرب نشان آهي: اللّٰه تعالیٰ عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: "ڪو ٻانهو منهنجي فرضن جي ادائيگيءَ کان وڌي ڪري ڪنهن ٻي شيءِ سان منهنجو قرب (يعني ويجهائي) حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. (فرضن کان پوءِ اهو) نفلن سان وڌيڪ منهنجو قرب حاصل ڪندو ويندو آهي ايتري تائين جو مان ان کي محبوب بڻائيندو آهي تہ مان ان جا ڪن بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو ٻُڌندو آهي ۽ ان جي اک بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو ڏسندو آهي ۽ ان جا هٿ بڻجي ويندو آهيان جنهن سان پڪڙيندو آهي ۽ ان جا پير بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو هلندو آهي ۽ جيڪڏهن هو مون کان ڪو سوال ڪندو آهي تہ مان ان کي ضرور عطا ڪندو آهيان." (صحيح البخاري،ڪتاب الرقاق،باب التواضع،الحديث6502، ج4 ص 248)

www.dawateislami.net

# نيڪ بڻجڻ جو نسخو

الحمدللہ عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهسنّت دامت برڪاتهم العاليه اسان ڪي هن پُرفتن دؤر ۾ آسانيءَ سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقن تي مشتمل **مدني انعامات** جو عظيم مدني تحفو عطا فرمايو آهي. اسان مان ڪير آهي جيڪو نيڪ نہ ٿو بڻجڻ چاهي؟ ڪير آهي جيڪو نفس ۽ شيطان جي مڪر ۽ فريب کان نہ ٿو بچڻ چاهي؟ ان جي لاءِ ڪوشش ڪري مدني انعامات کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو، اهي اسان کي ان شاءالله عَزَّوَجَلَّ نيڪ بڻائي ڇڏيندا.

# مدني انعامات جون برڪتون

www.dawateislami.net

الحمدللہ عَزَّوَجَلَّ سُنن سُنن عملن جون سُنيون نيّتون، مدني انعامات جي ذريعي، فرض ۽ واجب يعني نماز ۽ جماعت جي پابندي مدني انعامات جي ذريعي، قرآن جي تلاوت مدني انعامات جي ذريعي،روزن جي ڪثرت مدني انعامات جي ذريعي،اوراد و وظائف تي استقامت مدني انعامات جي ذريعي،اميرِ اهلسنّت و علماءِ اهلسنّت جي ڪتابن جي مطالعي تي هميشگي مدني انعامات جي ذريعي،قرآن سکڻ ۽ سيکارڻ جي سعادت مدني انعامات جي ذريعي،سنّتن جون بَرَڪتون مدني انعامات جي ذريعي، روزانو ڪنزالايمان (مع تفسيرخزائن العرفان / نورالعرفان) جون ٿي آيتون مدني انعامات جي ذريعي،انفرادي ڪوشش جي

تربيت مدني انعامات جي ذريعي،پردي ۾ پردو، اٿندي ويهندي ۽ بيني حتي الامڪان منهن قبلي طرف مدني انعامات جي ذريعي،فلمن ڊرامن، گانن، باجن، تهمتن، گارين، ڪوڙين ڳالهين، چُغلين، وعده خلافين، طنز ۽ دل آزارين، ٺهڪن، حسد، تڪبر، نفاق، رياڪاري، خيانت ڪان نفرت مدني انعامات جي ذريعي،ذاتي دوستي جي بدران سڀني سان هڪ جهڙا تعلقات مدني انعامات جي ذريعي، هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت مدني انعامات جي ذريعي،بهارِ شريعت ۽ اعليٰ حضرت جي ڪتابن جو مطالعو مدني انعامات جي ذريعي، شوريٰ ۽ ڪابينا ۽ مُشاورتن ۽ مجلسن جي اطاعت مدني انعامات جي ذريعي ۽ مدني ماحول ۾ استقامت مدني انعامات جي ذريعي نصيب ٿيندي آهي.

www.dawateislami.net

## روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو انعام

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامه مولانا **محمد الياس عطار قادري** دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي مشهور زمانہ تاليف “فيضانِ سنّت” (جلد پهريون) جي صفحي نمبر 888 تي لکن ٿا:

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: **الحمدللہ** عَزَّوَجَلَّ مون کي **مدني انعامات** سان پيار آهي ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** ڪرڻ جو منهنجو معمول آهي هڪ ڀيري آءُ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي جي**

سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ بلوچستان جي سفر تي هيس. انهيءَ دؤران مون گناهگار تي ڪرم جو دروازو کُلي ويو. ٿيو هيئن ته رات جو جڏهن سُتس ته قسمت ناز منجهان جاڳي پيئي، **جناب رسالتِ مآب** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم خواب ۾ تشريف فرما ٿيا، اجان جلوَن ۾ ئي گم هيس ته لب مبارڪن کي جنبش ٿي ۽ رحمت جا گل ڇڻڻ لڳا لفظن ڪجهه هن طرح ترتيب ماڻي، **جيڪي مدني قافلي ۾ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندا آهن مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندس .**"

شکر یہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفٰی صلی اللہ علیہ والہ وسلم
کہ پڑوسی خلد میں اپنا بنایا شکریہ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب ! صَلَّی اللّٰہ تَعَالیٰ عَلیٰ مُحَمَّد

(فيضانِ سنت ، باب فيضانِ رمضان، ج1 ص 888)

# گناهن جي بيماريءَ کان شفا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا مدني مذاڪرا ۽ ڪيسيٽ بيانات ٻُڌندا رهنداسين، روزانو وقت مقرر ڪري فڪرِ مدينه ڪندي مدني انعامات تي عمل ڪندا رهنداسين، مرشد مرشد ڪندا رهنداسين ته اها دل مسلمانن جي ڪيني کان پاڪ ٿي ويندي ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ. غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ اسان جي دل تي تصرُّف فرمائيندا،

www.dawateislami.net

اسان جي دل مان سيئي ڪدورتون ڪڍي اڇلائيندا. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ. غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي نگاهه پوندي، اسان جي دل ۾ تقويٰ داخل ٿي ويندي، اسان نيڪ بڻجي ويندا سين، ۽ گناهن جي بيماريءَ کان شفا حاصل ڪنداسين، ان جي لاءِ **مدني قافلي** جي شفا خاني ۾ جيترو عرصو گذري ٿو گذري وڃي. ان وقت تائين مدني قافلي جي شفاخاني مان باهر نہ نڪرنداسين جيستائين گناهن جي بيماريءَ کان شفاياب نہ ٿيون. شفا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات جو اهو شفا وارو معجون جنهن ۾ مختلف جڙي ٻوٽيون آهن، استعمال ڪريو گناهن جي بيمارين کان شفا يابي حاصل ٿي ويندي. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ .

www.dawateislami.net

# مان فنڪار هئس

**امير اهلسنّت** دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي مشهور زمانہ تاليف "فيضانِ سنّت" (جلد پهريون) جي صفحي 822 تي لکن ٿا:

اڇو! گناهن جي ڏُبڻ ۾ ڦاٿل هڪ **فنڪار** جو واقعو پڙهو جنهن کي دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول** مدني رنگ چاڙهي ڇڏيو. جيئن تہ **اورنگي** ٽاؤن (بابُ المدينه ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: افسوس صد ڪروڙ افسوس! مان هڪ **فنڪار** هُيس، ميوزيڪل پروگرامز ۽ فنڪشنز ڪندي زندگيءَ جون انمول گهڙيون برباد ٿي رهيون هيون، دل ۽ دماغ تي غفلت جا ڪجهه اهڙا پردا پيل هئا جو نہ نماز جي توفيق هئي نہ ئي گناهن جو احساس. صحراءِ مدينه

ٽــول پلازه سپر هـاءِ وي بـاب المدينه كـراچي ۾ بابُ الاسلام سنڌ سطح تي ٿيڻ واري **ٽن ڏينهن واري سنتن ڀريي اجتماع** (سن1424ھ 2003ء) ۾ حاضريءَ جي لاءِ هڪ ذميدار اسلامي ڀاءَ **انفرادي ڪوشش** ڪندي ترغيب ڏياري. خوش قسمتيءَ سان ان ۾ شرڪت جي سعادت ملي ويئي. ٽن ڏينهن واري اجتماع جي پُڄاڻيءَ تي **رقت انگيز دعا** ۾ مون کي پنهنجي گناهن تي تمام گهڻي شرمساري ٿي، مان پنهنجي جذبن کي قابو ۾ نه آڻي سگهيس ۽ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳس، بس روئڻ ڪم ڏيکاريو! **الحمدلله عزوجل** مـون کي **دعوتِ اسلاميءَ** جـو مدنـي ماحول ملي ويو ۽ مان ناچ گانن جي محفلن کان **توبهہ** ڪئي ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ورتو.

www.dawateislami.net

25 ڊسمبر 2004ء جو مان جڏهن **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي رهيو هوس ته ننڍي ڀيڻ جي فون آئي، روئڻهارڪي آواز ۾ ان پاڻ وٽ ٿيڻ واري **نابينا ڌيءُ** جي ڄمڻ جي خبر ٻُڌائي ۽ گڏوگڏ ٻڌايائين، ڊاڪٽرن چئي ڇڏيو آهي ته هن جون اکيون روشن نه ٿيون ٿي سگهن. ايترو ٻڌڻ کان پوءِ سندس سيني ۾ غم جو ڊبيل طوفان اکين منجهان ڳوڙهن ذريعي وهي هليو ۽ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. مون اهو چئي ڪري کيس دلجاءِ ڏنــي تــه ان شآءالله عزوجل مدني قافلي ۾ دعا ڪندس. مان **مدني قافلي** ۾ پاڻ به گهڻيون دعائون ڪيون ۽ مدني قافلي وارن **عاشقانِ رسول** کان به دعائون ڪرايون. جڏهن مدني قافلي مان موٽيس ته ٻئي ڏينهن ئي ننڍي ڀيڻ جي

مُرڪندي فون آئي ۽ ان خوشيءَ مان هيءَ فرحت اثر خبر ٻُڌائي تہ الحمدلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي نابينا ڌيءَ مهڪ جون اکيون روشن ٿي ويون آهن ۽ ڊاڪٽر تعجب ڪري رهيا آهن تہ اهو ڪيئن ٿي ويو! ڇو تہ اسان جي ڊاڪٽريءَ ۾ انهيءَ جو ڪو علاج ئي ڪونہ هو. هي بيان ڏيڻ وقت الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مون ڪي بابُ المدينه ڪراچي ۾ علائقائي مُشاورت جي هڪ رڪن جي حيثيت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ جون سعادتون حاصل آهن.

آفتوں سے نہ ڈر ،رکھ کرم پر نظر　　روشن آنکھیں مِلیں،قافلے میں چلو

آپ کو ڈاکٹر، نے گو مایوس کر　　بھی دیامت ڈریں،قافلے میں چلو

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب !　　صَلَّى اللّٰه تَعَالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪيڏو نہ پيارو آهي جو هن جي دامن ۾ اچي ڪري مُعاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو باڪردار بڻجي سنّتن ڀري باعزّت زندگي گذارڻ لڳا ۽ ان گڏوگڏ مدني قافلن جون بهارون بہ توهان جي سامهون آهن. جهڙيءَ طرح مدني قافلن ۾ سفر جي بَرَڪت سان ڪيترن جي ئي دنياوي مصيبت ٽري ويندي آهي. ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ تهڙيءَ ريت تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، سراپا رحمت، شفيع امت صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي شفاعت سان آخرت جي آفت بہ راحت ۾ تبديل ٿي ويندي.

ٹوٹ جائیں گے گنہگاروں کے فورا قید و بند
حشر کو کھل جائے گی طاقت رسول اللہ کی

(فیضانِ سنّت، باب فیضانِ رمضانِ ج1 ص 822)

الله تعالی اسان کي **مدني انعامات** جو عامل ۽ **مدني قافلن** جو مسافر بڻائي، **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جي غلامي ۽ **دعوتِ اسلامي** تي مرڻ جي گهڙيءَ تائين اخلاص سان گڏ استقامت عطا فرمائي. بانيءِ دعوتِ اسلامي دامت برکاتهم العاليه ۽ انهن جي بڻايل نگرانن جو مطيع ۽ فرمانبردار بڻائي.

**آمين بجاه النبي الامين** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

www.dawateislami.net

بنا دے مجھے ایک در کا بنادے
میں ہردم رہوں باوفایاالٰہی (عزوجل)
سدا پیرومرشد رہیں مجھ سے راضی
کبھی بھی نہ ہوں یہ خفایاالٰہی (عزوجل)

(مناجاتِ عطاریہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

## يك در گير و محكم گير

**(هڪ در کي پڪڙ ۽ مضبوطيءَ سان پڪڙ)**

## خوش نصيب عطاري

باب الاسلام (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان آهي منهنجا بابا سائين مدني ماحول سان ناواقفيت جي

سبب منهنجي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ تي ڪڏهن ڪڏهن اعتراض ڪندا هئا. پر مون جواب ڏيڻ بدران گهر وارن تي انفرادي ڪوشش جاري رکي. موقعو ملڻ تي اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي سنّتن ڀريي بيانات جون ڪيسيٽون گهر ۾ ٻُڌائڻ جو سلسلو رکيو، الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ان جي بَرَڪت سان بابا سائين سميت سڀئي گهر وارا بہ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا مُريد بڻجي ويا ۽ هڪ ڏينهن بَابا سائين اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي بيان جي ڪيسيٽ ”قبر ڪي پُڪار“ ٻُڌي ڪري چهري تي ڏاڙهي شريف بہ سينگاري ڇڏي، نماز اهي پهريان کان ئي شروع ڪري چُڪا هئا. ڪجھ ڏينهن بيمار رهيا ۽ ڪين راجپوتانہ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. 20 جولائي 2004ء اڱاري جي ڏينهن ٻيپهريءَ جو تقريبًا هڪ لڳي 30 منٽن تي منهنجي ۽ ٻين رشتيدارن جي موجودگيءَ ۾ بابا سائين وڏي آواز سان ڪلمهٔ طيبه لاالٰــه الا الله محمد رســول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو ورد ڪرڻ لڳا ۽ انهيءَ عالم ۾ سندن روح پرواز ڪري ويو.

تقريبًا ٽن ڏينهن ڪان پوءِ منهنجي پنجن سالن جي ڌيءُ ٻُڌايو تہ رات مون ڏاڏي سائين ڪي خواب ۾ ڏٺو اهي ڏاڍا خوش هئا ۽ مسڪرائي رهيا هئا، سندن چهرو تمام روشن لڳي رهيو هو، انهن کي سبز رنگ جو لباس پاتل هو چئي رهيا هئا تہ مان هتي وڏي سُڪون ۾ آهيان. اٽڪل چاليھ ڏينهن ڪان پوءِ سخت برسات ٿي ۽ قبر هڪ پاسي ڪان

www.dawateislami.net

جُهڪي وئي خطرو هو تہ اندر ڪِري پوندي تنهنڪري جڏهن قبر کي درست ڪرڻ جي لاءِ کولڻ جي ضرورت پيش آئي تہ هڪ ايمان افروز منظر سامهون هيو، بابا سائين جو ڪفن ۽ جسم چاليهہ ڏينهن گذرڻ باوجود سلامت هو ۽ خوشبوءَ جو هبڪاءُ اچي رهيو هو. (آدابِ مرشدِ ڪامل صفحو 258)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

# هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جي شايع ڪيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

www.dawateislami.net

صلوا علي الحبيب! صلي اللّٰه تعالي علي محمد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# غور سان پڙهي پوءِ هي فارم ڀري ۽ وڌيڪ تفصيل هيٺ لکي ڏيو

جيڪو اسلامي ڀاءُ فيضان سنّت يا امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جا ڪتاب يا رسالا ٻُڌي يا پڙهي ڪري، بيان جي ڪيسيٽ ٻُڌي يا هفتيوار، صوبائي يا بين الاقوامي اجتماعن ۾ شرڪت يا مدني قافلن ۾ سفر يا دعوتِ اسلامي جي ڪنهن به مدني ڪم ۾ شموليت جي بَرَڪت سان مدني ماحول سان وابسته ٿيو، زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿيس، نمازي بڻجي ويو، ڏاڙهي عمامو شريف سينگارجي ويو، توهان ڪي يا ڪنهن مٺ مائٽ ڪي حيرت انگيز طور تي صحت ملي، پريشاني دور ٿي، يا مرڻ وقت ڪلمهءِ طيبه نصيب ٿيو يا چڱي حالت ۾ روح قبض ٿيو، مرحوم ڪي چڱي حالت ۾ خواب ۾ ڏٺو، بشارت وغيره ملي يا تعويذاتِ عطاريه جي ذريعي آفتن ۽ مصيبتن کان نجات ملي هجي ته هٿوهٿ هن فارم ڪي ڀري ۽ واقعي جو تفصيل لکي ڪري هن پتي محله سوداگران پُراڻي سبزي منڊي (باب المدينه) ڪراچي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه "مجلسِ مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريه" جي مڪتب" تي موڪلي احسان فرمايو.

www.dawateislami.net

نالو پيءُ جي نالي سميت : ..............................................
عمر..............كنهن كان مُريد يا طالب آهيو
.........................................
خط ملڻ جو پتو...................................................................
..............................................................................................
.....................................................
فون نمبر (كوڊ نمبر سميت) :.................................................
اي ميل ايڊريس:........................................................
كيسيٽ، رسالي، قافلي يا كنهن به مدني كم جي دعوت پيش كرڻ
واري جو نالو...................................................................
انقلابي كيسيٽ يا رسالي جو نالو :.....................................
ٻُڌڻ، پڑهڻ، يا واقعو ظاهر ٿيڻ جي تاريخ/ مهينو/ سال...........

www.dawateislami.net

كيترن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر كيو.........................
موجوده تنظيمي ذميداري.................................................
مٿي ذكر ٿيل ذريعن سان جيكي بركتون حاصل ٿيون، فلاڻيون فلاڻيون بُرايون ختم ٿيون اهي تفصيلي طور تي ۽ اڳ ۾ پيدا ٿيندڙ كيفيت (جيكڏهن عبرت جي لاءِ لكڻ چاهيو) مثال طور فيشن پرستي، ڦر وغيره ۽ اميرِ اهلسنت دامت بركاتهم العاليہ جي ذاتِ مباركه كان ظاهر ٿيڻ وارين بركتن ۽ كرامتن جا "ايمان افروز واقعا" جاءِ ۽ تاريخ سان گڏ تفصيلي طور تي هيٺ ۽ ضرورت جي طور تي پويان لكي ڏيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# شاديءَ جي دعوت ۾ ثواب ڪمائڻ جو مدني نسخو

شاديءَ ۾ جتي تمام گهڻو مال خرچ ڪيو ويندو آهي اتي طعام(يعني کاڌي) جي دعوت ۾ مردن ۽ عورتن ۾ هڪ هڪ "**مدني بستو**" (STALL) لڳائي پنهنجي طاقت آهر مختلف مدني رسالا ۽ پمفليٽ ۽ سنتن ڀرئي بيانن جون ڪيسيٽون وغيره مفت ورهائڻ جي ترڪيب فرمايو ۽ ڍير نيڪيون ڪمايو. اوهان صرف مڪتبة المدينه کي آرڊر ڏئي ڇڏيو. باقي ڪم ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ مردن ۾ اسلامي ڀائر ۽ عورتن ۾ اسلامي ڀينرون پاڻ ئي سنڀاليندا. جزاك الله خيرًا.

www.dawateislami.net

**نوٽ** : ٽيجهي، چاليهي ۽ يارهين شريف جي نياز جي دعوت وغيره جي موقعن تي به **ايصالِ ثواب** جي لاءِ اهڙيءَ طرح ئي "لنگرِ رسائل" جا مدني بستا لڳايو. **ايصالِ ثواب جي لاءِ** پنهنجي مرحوم مٺن مائٽن جا نالا لکرائي **فيضانِ سنت**، **نماز جا احڪام** ۽ ننڍا وڏا ڪتاب، رسالا ۽ پمفليٽ وغيره ورهائڻ جا خواهشمند اسلامي ڀائر مڪتبة المدينه سان رابطو فرمائين .